زنده بیٹی کنویں میں پھینک دی

# زنده ڌيءَ کوهه ۾ اڇلي ڇڏي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت جي گهور فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!** (مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: زنده ڏيءَ کوهه ۾ اڇلي ڇڏي

ڇاپو پهريون: جمادي الاول 1436هه، مارچ 2015ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# زنده ڏيءَ کوهه ۾ اڇلي ڇڏي

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# زندهہ ڏيءَ کوهہ ۾ اڇلي ڇڏي

شيطان لک سستيون ڏياري هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ ديڱرن سان محبت و ڏندي محسوس ٿيندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، راحت قَلْبُ و سِيْنہ، صَاحِبِ مُعَطَّر پسينہ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيت نشان آهي.اي ماڻهون! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلدي نُجات پائڻ وارو اهو شخص هوندوجنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهيو هوندو. (الفردوس ج5 ص375 حديث8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) زندهہ ڏيءَ کوهہ ۾ اڇلي ڇڏي

هڪ شخص بارگاهِ رِسالت صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جهالت جي زماني ۾ بُت پرست هئاسين پنهنجي اولاد کي ماري ڇڏيندا هئاسين. منهنجي هڪ ڏيءُ هئي، جڏهن آئون هن کي سڏيندو هئس تہ خوش ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن مون هن کي سڏ ڪيو تہ خوشي خوشي منهنجي پويان هلڻ لڳي، اسان ويجهو ئي هڪ کوهہ تي پهتاسين، مون اُن جو

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**هٿ جهليو ۽ کوهه ۾ اڇلي ڇڏيو!** (ويچاري روئي روئي) بابا جان! بابا جان! رڙيون ڪندي رهي (۽ آئون اتان هليو ويس) (اهو ٻڌي) رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چَشمانِ ڪرم (يعني مبارڪ اکين) مان لڙڪ جاري ٿي ويا. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو "اسلام جهالت واري زماني ۾ ٿيندڙ گناهه متائي ڇڏيندو آهي"
(سنن دارِمي ج 1 ص 14 حديث 2 ملخصا)

## (2) بابا! ڇا اوهان مون کي قتل ڪرڻ لڳا آهيو؟

هڪ شخص عرض ڪيو يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! آئون جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان مون کي اسلام جي حلاوت يعني مناڻ نصيب نه ٿي آهي، جهالت واري زماني ۾ منهنجي هڪ ڌيءَ هُئي، مون پنهنجي زال کي حڪم ڏنو ته اُن کي سُٺا ڪپڙا پارائي تيار ڪر، پوءِ آئون اُن کي گڏ وٺي گهر کان هلي وڃي هڪ گهري کڏ تي پهچي ان کي اندر اڇلڻ لڳس ته ان (بيقراري سان روئيندي) چيو **يَا اَبَتِ قَتَلْتَنِي**؟ يعني بابا! ڇا اوهان مون کي قتل ڪرڻ لڳا آهيو؟ پر مون ان جي روئڻ، رڙين جي پرواهه ڪرڻ بغير ان کي ان گهري کڏ ۾ اڇلي ڇڏيو! يا رسولَ الله جڏهن پنهنجي ڌيءَ جو اهو جملو". (بابا! ڇا اوهان مون کي قتل ڪرڻ لڳا آهيو؟) ياد اچي ٿو (بيچين ٿي ويندو آهيان) پوءِ مون کي ڪنهن شيءِ ۾ مزو (سڪون) نٿو اچي. حضور تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: "اسلام جهالت واري

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)**

زماني ۾ ٽيندڙ گناهن کي مِٽائي ڇڏيندو آهي جڏهن تہ اسلام جي حالت ۾ (يعني مسلمان ڪان) تي ويل گناهن کي اِستِغفار مِٽائي ڇڏيندو آهي“. (تفسيرڪبير، ج. 7، ص 225 ملخصًا)

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اِستِغفار جي معنيٰ مغفرت جي دعا ڪرڻ آهيءِ دعاءِ مغفرت صغيره ۽ ڪبيره ٻنهي قسمن جي گناهن لاءِ ڪئي ويندي آهي،جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي تہ پنهنجي رحمت سان هيءَ دعا قبول فرمائي ٺنڍا وڏا سڀ گناه معاف فرمائي ڇڏي. پر عام عملن جي متعلق محدثين ڪرام ۽ علماءِ عظّام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی ان مسئلي جي وضاحت فرمائي آهي تہ ڪبيره گناه صرف توبہ سان معاف ٿيندا آهن ۽ ٻين اعمالن ۾ جتي گناهن جي معافي جي بشارت آهي اُتي صرف صغيره گناهن جي معافي مراد هوندي آهي.

## (3) اٺ ڌيئرن کي زندهہ دفن ڪري ڇڏيو!

حضرت سيِّدُنا **قيس بن عاصِم** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو: مون جهالت واري زماني ۾ پنهنجي اٺ ڌيئرن کي زنده دفن ڪيو آهي. محبوبِ ربُّ العباد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”هر هڪ جي بدلي هڪ غلام آزاد ڪر.“ عرض ڪيو: مون وٽ اُٺ آهن. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:چاهيو تہ هر هڪ جي بدلي هڪ بَدَنَه نَحر (يعني اُٺ جي قرباني) ڪر.

(ڪنزالعمال، ج 2، ص 231، حديث 3687)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو-** (ابن عدي)

## پنج ڏکائيندڙ واردراتون

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو!توهان ڌيءَ کي زنده دفن ڪرڻ جي متعلق جهالت واري دؤر جون جهلڪيون پڙهيون.افسوس!هڪ ڀيرو وري ڪجهه ماڻهون اسلامي تعليم وسارڻ ڪري ڌيءَ جي پيدائش کي برو سمجهڻ ۽ بي رحمي جو مظاهرو ڪرڻ لڳا آهن. جنهن ڪري هر روز قتل وغارت جون وارداتون ٿي رهيون آهن نيت تي ڌنل پنج ڏکائيندڙ وارداتون پيش ڪيون وڃن ٿيون.

(1) مَعَاذَ الله جهالت واري دؤر جي ياد تازه ٿي وئي. ڇهين ڌيءَ جي پيدائش تي ظالم پيءُ 10 ڏينهن جي ڌيءَ کي پاڻي جي ٽب ۾ ٻوڙي ماري ڇڏيو. احتجاج ڪرڻ تي زال کي بہ سٽل ننڊ ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو، ملزم کي گرفتار ڪيو ويو.

(2) ڪجهه هفتا پهرين هڪ شخص ڌيءَ پيدا ٿيڻ تي زال کي باهه ڏيئي ماري ڇڏيو هو.

(3) جولائي ۾ ڌيءَ جي پيدائش تي 25 سالن جي زال کي مڙس ۽ ساهورن زنده ساڙي ڇڏيو

(4) مجازي عِشق جي بنياد تي بنهي ۾ لو ميرج ٿي ويو الله تعاليٰ هڪ پٽ ۽ بہ ڌيئرون ڏنيون. ڪجهه عرصي کان پوءِ ٽين ڌيءَ جي ولادت ٿي، ان تي ڪاوڙ ۾ اچي بيوقوف مڙس زال کي اهڙي

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ڏھہ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

بيدردي سان ماريو جو ھوءَ بيھوش ٿي ويئي ۽ اسپتال پھچي ويچاري وفات ڪري ويئي.

(5) ھڪ ڏينھن جي ڇوڪريءَ کي زنده دفن ڪيو ويو:پنجاب (پاڪستان)جي ھڪ ٻھراڙي واري علائقي ۾ بي رحم پيءُ ھڪ ڏينھن جي ٻارڙي کي زنده دفن ڪري ڇڏيو!پوليس ملزم کي گرفتار ڪري ورتو. تفصيلات جي مطابق ملزم جي گھر ڇھين ڌيءَ پيدا ٿي ھُئي. ظالم پيءَ جو چوڻ آھي تہ ان جي ڌيءَ بدصورت ھئي، ان جو چھرو بگڙيل ھوجنھن تي ھن ڊاڪٽر کان ٻارڙي کي زھريلو انجيڪشن لڳائڻ جو چيو، ڊاڪٽر جي انڪار تي ان ٻارڙي کي زنده دفن ڪري ڇڏيو.

(روزنامہ جنگ آن لائن 14 جولائي 2012 بِالتصرف)

## زندھ ٻارڙي پريشر ڪوڪر ۾ وجھي چلھي تي چاڙھي ڇڏي ۽....

ڪشمير جي ڪنھن علائقي ۾ ھڪ شخص جون 5 نياڻيون ھيون ۽ ڇھون ڀيرو ولادت ٿيڻ واري ھُئي. ان ھڪ ڏينھن پنھنجي زال کي چيو جيڪڏھن ھِن دفعي بہ تو ڌيءَ ڄڻي تہ آئون توکي ان ٻارڙي سميت قتل ڪري ڇڏيندس. ھجري سن 1426 جي رمضان المبارڪ جي ٽين رات (2005 _10 _8) تي ڌيءَ جي پيدائش ٿي صبح جي وقت ٻارڙي جي ماءُ جي رڙين جي پرواھ ڪرڻ بغير ان

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

بي رحم پيءُ (مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ) پنهنجي گل جهڙي زنده بارڙي کي ڪٽي پريشر ڪُڪر ۾ وجهي چلهي تي چاڙهي ڇڏيو!هڪدم پريشر ڪُڪر ڦاٽوءِ گڏ ئي خوفناڪ زلزلو اچي ويو. ڏسندي ئي ڏسندي اهو ظالم شخص زمين جي اندر هليو ويو بارڙي جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ بچايو ويو ۽ غالبًا انهيءَ جي ذريعي ان دردناڪ قصي جو انڪشاف ٿيو.ان زلزلي ۾ هڪ اطلاع جي مطابق 2 لک کان وڌيڪ ماڻهون فوت ٿيا.

## الله چاهي تہ پُٽ ڏي يا ڌيءَ يا ڪجهہ نہ ڏي

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسلام ڌيءَ کي عظمت بخشي ۽ ان جو وقار بلند ڪيو، مسلمان الله عَزَّوَجَلَّ جو عاجز ٻانهو ۽ ان جي احڪامن جو پابند هوندو آهي، پٽ ملي يا ڌيءَ يا بي اولاد رهي هر حال ۾ راضِي بَرِضا رهڻ کپي. پارو 25 سورة الشوري جي آيت 49 ۽ 50 ۾ ارشاد آهي:

لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ الذُّكُوۡرَ ﴿۴۹﴾ اَوۡ يُزَوِّجُهُمۡ ذُكۡرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجۡعَلُ مَنۡ يَّشَآءُ عَقِيۡمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌ قَدِيۡرٌ ﴿۵۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** الله جي واسطي آهي آسمان ۽ زمين جي بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي جنهن کي گهري ڌيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن کي وڻيس پٽ ڏي. يا پٽ ۽ ڌيئرون ٻئي ملائي ۽ جنهن کي چاهي سُنڍ ڪري بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابو يعلي)

## بعض انبياءِ ڪرام جي اولاد جي تعداد

”خزائن العرفان“ ۾ آيت نمبر 50 جي هن حصي جنهن کي چاهي سُنِد ڪري جي تحت آهي: (يعني) ”جو ان جي اولاد ئي نہ ٿئي يعني الله تعالٰي مالڪ آهي، پنهنجي نعمت کي جهڙي طرح چاهي تقسيم ڪري، جنهن کي جيڪو چاهي ڏي. انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ بہ اهي سڀ صورتون موجود آهن حضرت لوط و حضرت شعيب عَلَيْهِمَا السَّلَام جن جون صرف نياڻيون هيون ڪو بہ پٽ نہ هو ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِمُ السَّلَام جا صرف فرزند يعني پٽ هئا ڪا دُخْتَر (يعني ڌيءَ) پيدا ئي نہ ٿي ۽ سيِّدِ اَنبياء حبيبِ خدا مُحمّدِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعالٰي چار فرزند (پٽ) ۽ چار صاحبزاديون(نياڻيون) عطا فرمايون.“ (خزائن العرفان ص 898)

## حضور ﷺ جن جي مقدس اولاد جي تعداد

سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا چار فرزند هئڻ جو خزائن العرفان ۾ ذڪر آهي پر ان ۾ اختلاف آهي،ٽن شهزادن جو بہ قول آهي ۽ ٻن جو بہ، جئين تہ **تَذْكِرَةُ الْاَنْبِيَآء** صفحو 827 تي آهي: پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ٽي پٽ هئا: **قاسم، ابراهيم، عبدالله** خيال رهي تہ طيِّب، مُطَيَّب، طاهر ۽ مُطَهَّر انهن (يعني) حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جا لقب هئا، هي ڪي الگ پٽ نہ هئا. (تذڪرةالانبياء ص 827)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو-** (طبراني)

حضرت علاّمہ عبد المصطفٰي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی سيرت مصطفٰي صفحو 687 تي لکن ٿا: انهي ڳالهہ تي سيني مورخين (تاريخ لکڻ وارن) جو اتفاق آهي تہ حُضُورِ اَقْدَس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اولاد مبارڪ جي تعداد ڇهہ آهي.ٻہ فرزند حضرت قاسم ۽ حضرت ابراهيم (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا) ۽ چار صاحبزاديون **حضرت زينب ۽ حضرت رُقيَّہ، حضرت اُمِّ ڪلثوم ۽ حضرت فاطمہ** (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنّ) پر ڪجهہ مورخين هي بيان ڪيو آهي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هڪ صاحبزادو حضرت عبداللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بہ آهي جن جو لقب طيِّب و طاهر آهي. انهي قول جي بنياد تي حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مقدس اولاد جو تعداد ست آهي يعني ٽي صاحبزادا ۽ چار صاحبزاديون. (سيرت مصطفٰي ص 687)

## ”خاتونِ جَنّت“ جي اٺ حرفن جي نسبت سان ڌيئرن جي فضائل تي مشتمل 8 فرامين مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

1. ڌيئرن کي خراب نہ سمجهو، بيشڪ اهي محبت ڪرڻ واريون آهن.[1]

2. جنهن جي گهر ڌيءَ پيدا ٿئي ۽ اهو ان کي ايذاء نہ ڏي ۽ نہ ئي خراب سمجهي ۽ نہ ئي پٽ کي ڌيءَ تي فضيلت ڏي تہ اللّٰہ تعالٰي ان شخص کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو.[1]

---

[1] مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 134 حديث 17378.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

3. جنهن شخص تي ڌيئرن جي پرورش جو بوجھ اچي وڃي ۽ اهو انهن سان سٺو سلوڪ ڪري تہ اهي ڌيئرون ان جي لاءِ دوزخ کان روڪ بڻجي وينديون.[2]

4. جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ ڇوڪري پيدا ٿيندي آهي تہ الله عزوجل فرشتن کي موڪليندو آهي جيڪي اچي چوندا آهن: ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْت يعني اي گهر وارو!توهان تي سلامتي هجي.“ پوءِ فرشتا انهي ٻارڙيءَ کي پنهنجي پرن جي ڇانوَ ۾ رکندا آهن ۽ انهي جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چوندا آهن تہ هيءَ هڪ ڪمزور جان آهي جيڪا هڪ ڪمزور مان پيدا ٿي آهي، جيڪو شخص هِن ڪمزور جان جي پرورش جي زميداري کڻندو قيامت تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد انهي سان گڏ رهندي.[3]

5. جنهن جون ٽي ڌيئرون هجن، اهو انهن سان سٺو سلوڪ ڪري تہ انهي جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. عرض ڪيو ويو: ۽ ٻہ هجن تہ؟ فرمايائون: ۽ ٻہ هجن تڏهن بہ. ”عرض ڪيو ويو: جيڪڏهن هڪ هجي تہ؟ فرمايائون: جيڪڏهن هڪ هجي تڏهن بہ“[4]

---

[1] المستدرڪ ج 5 ص 248 حديث 7428.

[2] مسلم ص 1414 حديث 2629.

[3] مجمع الزوائد ج 8 ص 285 حديث 13484.

[4] معجم الاوسط ج 4 ص 347 حديث 6199 ملخصًا.

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

6. جنهن جون ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀينرون هجن يا ٻہ ڌيئرون يا ٻہ ڀينرون هجن پوءِ هو انهن جي سٺي نموني پرورش ڪري ۽ انهن جي معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو رهي تہ ان جي لاءِ جنّت آهي.[1]

7. جنهن جون ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀينرون هجن ۽ اهو انهن سان سٺو سلوڪ ڪري تہ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.[2]

8. جنهن پنهنجي ٻن ڌيئرن يا ٻن ڀينرن يا ٻن رشتيدار ڇوڪرين تي ثواب جي نيّت سان خرچ ڪيو ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي بي نياز ڪري ڇڏي (يعني انهن جو نڪاح ٿي وڃي يا اهي صاحب مال ٿي وڃن يا انهن جي وفات ٿي وڃي) تہ اهي ان جي لاءِ باهہ کان روڪ بڻجي وينديون.[3]

## ڌيءَ تي رَسُوْلُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شفقت

حضرت سيِّدَتُنا بي بي فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جڏهن محبوب ربُّ العزّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت سراپا شفقت ۾ حاضر ٿينديون هيون تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي بيهي ڪري انهن ڏانهن متوجه ٿيندا هئا، پوءِ پنهنجن پيارن پيارن هٿن ۾ انهن جو هٿ

---

1 ترمذي ج 3 ص 367 حديث 1923.

2 ترمذي ج 3 ص 366 حديث 1919.

3 مسند امام احمد بن حنبل ج 10 ص 179 حديث 26578.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

وٺي ڪري انهي کي چمي ڏيندا هئا پوءِ انهن کي پنهنجي ويهڻ جي جڳهه تي ويهاريندا هئا. اهڙي طرح جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سيِّدَتُنا بي بي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي گهر تشريف وٺي ويندا هئا ته اهي ڏسي ڪري اٿي بيهه رهنديون هيون، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڪري چمنديون هيون ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي جڳهه تي ويهاريندڀون هيون.

(ابوداود، ج 4، ص 454، حديث 5217)

## وڏي شهزاديءَ کي ظالم نيزو هڻي...

حضرت سيِّدَتُنا زَينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا رسول اڪرم نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سڀ کان وڏي شهزادي آهي جيڪا اعلان نُبوَّت کان ڏهه سال اڳ مڪّهِ مڪرَّمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا ۾ پيدا ٿيون. جنگ بدر کانپوءِ حضور پرنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن کي مڪّهِ مڪرَّمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا کان مدينه منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا گهرائي ورتو. جڏهن هيءَ هجرت جي ارادي سان اُٺ تي سوار ٿي مڪّهِ مڪرّمه زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا کان ٻاهر نڪتيون ته ڪافرن انهن جو رستو روڪي ورتو، هڪ ظالم نيزو هڻي ڪري انهن کي اُٺ تان زمين تي ڪيرائي ڇڏيو جنهن جي ڪري انهن جو حمل ضايع ٿي ويو(يعني ٻار انهيءَ وقت پيٽ ۾ ئي فوت ٿي ويو). نبيءِ ڪريم، رَءُوْف رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ان واقعي سان تمام گهڻو صدمو ٿيو. جئين ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي فضائل ۾ ارشاد فرمايو

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنز العمال)**

هِيَ اَفۡضَلُ بَنَاتِيۡ اُصِيۡبَتۡ فِيَّ يعني: ”هيءَ منهنجي ڌيئرن ۾ انهي اعتبار سان افضل آهي تہ مون ڏانهن هجرت ڪرڻ ۾ ايتري وڏي مصيبت ڪنيائين.“ جڏهن 8 هجري ۾ حضرت سيِّدَتُنا زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو انتقال تي ويو تہ سلطانِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز جنازه پڙهائي پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان انهن کي قبر ۾ لاٿو. (شرح الزرقاني علي المواهب ج 4 ص 318 ماخوذًا)

## ڌهٽيءَ کي منڊي عطا فرمائي

اُمُّ الۡمُؤۡمِنِين حضرت سيِّدَتُنا عائِشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائين ٿيون: نَجَّاشي بادشاهہ سرور ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ ڪجهہ زيورن جي سوغات موڪلي جنهن ۾ هڪ حبشي نگ واري منڊي بہ هئي. الله جي پياري نبي مڪّي مَدَني صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهي مُنڊي کي لٺ يا مبارڪ آڱر سان مس ڪيو ۽ پنهنجي وڏي شهزادي حضرت سيِّدَتُنا زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي پياري ڌيءَ يعني پنهنجي ڌهٽيءَ اُمامہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي سڏيو ۽ فرمايو: ”اي ننڍڙي بارڙي! هِن کي تون پائي ڇڏ“

(ابو داود ج 4 ص 125 حديث 4235)

## ڌهٽي پنهنجي نانا جان جي مبارڪ ڪلهي تي

بخاري شريف ۾ آهي تہ حضرت سيِّدُنا ابو قَتَاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ روايت ڪن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف وٺي آيا تہ پاڻ پنهنجي ڌهٽيءَ اُمَامہ بِنتِ ابُو الۡعاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.(ڪنزالعمال)**

کي پنهنجي مبارڪ ڪلهي تي کڻيو بيٺا هئا پوءِ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز پڙهائڻ لڳا تہ رڪوع ۾ وڃڻ وقت اُن کي لاهي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن بيهندا هئا تہ اُن کي کڻي وٺندا هئا.

(بخاري ج 4 ص 100 حديث 5996)

## حديث پاڪ جي نمازواري حصي جي شرح

**شارِحِ بُخاري مفتي شريفُ الحق امجدي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: ننڍي ٻار کي هنج ۾ کڻي نماز پڙهڻ جي باري ۾ (ڪجهہ ماڻهن جو) اهو ئي خيال آهي تہ نماز نہ ٿيندي انهيءَ وهم (يعني گمان، خيال) کي ختم ڪرڻ جي لاءِ امام بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی جن هي باب ٻڌو ۽ هيءَ حديث ذڪر فرمائي. جيڪڏهن ننڍي ٻار جو جسم ۽ ڪپڙا پاڪ هجن ۽ لاهڻ ۽ هنج ۾ کڻڻ ۾ **عملِ ڪثير** نہ ٿيندو هجي تہ ننڍي ٻار کي هنج ۾ کڻي نماز پڙهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي. (نزهة القاري ج 2 ص 198)

"تَفهيمُ البخاري" ۾ انهي حديث پاڪ جي تحت آهي: سيِّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيانِ جواز (جائز هئڻ جي بيان) جي لاءِ ائين ڪيو هو، هي سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ مڪروه نہ هو (بلڪ سندن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حق ۾ باعث ثواب هو.)

(تفهيم البخاري ج 1 ص 864)

## "عملِ ڪثير" جي تعريف

مٿي ڏنل شرح ۾ **عملِ ڪثير** جو ذڪر آهي، انهي باري ۾ عرض آهي تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

جي شايع ٿيل 496 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"نماز جا احڪام"** ص 242 کان 243 تي آهي تہ **عملِ ڪثير** نماز کي فاسد ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن تہ نہ نماز جي عملن مان هجي نہ ئي اصلاحِ نماز لاءِ ڪيو ويو هجي. جنهن ڪم جي ڪرڻ واري کي پري کان ڏسڻ ۾ ائين لڳي تہ هي نماز ۾ نہ آهي بلڪ جيڪڏهن غالب گمان بہ هجي تہ نماز ۾ ڪونهي تڏهن بہ **عملِ ڪثير** آهي ۽ جيڪڏهن پري کان ڏسڻ واري کي شڪ و شبهو آهي تہ نماز ۾ آهي يا نہ تہ **عمل قليل** آهي ۽ نماز فاسد نہ ٿيندي. (دُرِّمختار ج 2 ص 464)

## هنج ۾ ٻار ڪڻي نماز پڙهڻ جو مسئلو

بهار شريعت جلد 1 صفحي 476 تي آهي: جيڪڏهن هنج ۾ ايترو ننڍو ٻار ڪڻي نماز پڙهي جو ان جي هنج ۾ خود (ٻار) پنهنجي طاقت سان نہ رُڪي سگهي بلڪ هن يعني نمازي جي روڪڻ سان رڪيل هجي ۽ انهي جو بدن يا ڪپڙا نماز جي لاءِ منع ڪيل مقدار ۾ ناپاڪ آهي، تہ نماز نہ ٿيندي ڇو جو انهيءَ ئي هن کي کنيو آهي ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي طاقت سان رڪيل آهي،هن (يعني نماز پڙهڻ واري) جي روڪڻ جو محتاج ڪونهي تہ نماز ٿي ويندي جو هاڻي هي ان کي کڻيو نہ بيٺو آهي پوءِ بہ بي ضرورت ڪراهت کان خالي ڪونهي ڀلي ان جي بدن ۽ ڪپڙن تي نجاست بہ نہ هجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.(حاڪم)**

## مسڪين ماءُ جو ڌيئرن تي ايثار ”حڪايت“

اُمُّ الْمومِنين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائين ٿيون: مون وٽ هڪ مسڪين عورت آئي جنهن سان گڏ ان جون ہہ ڌيئرون ہہ هيون مون ان کي ٽي کجوروں ڏنيون ان هر هڪ کي هڪ هڪ کجور ڏني پوءِ جنهن کجور کي هن پاڻ کائڻ چاهيو ٿي ان جا ہہ ٽڪرا ڪري اها کجور ہہ انهن يعني ٻنهي ڌيئرن کي کارائي ڇڏي.

مون کي ان واقعي سان تمام گهڻو تعجب ٿيو مون نبِيِّ مُکَرَّم نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاه ۾ انهي خاتون جي ايثار جو بيان ڪيو تہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو الله تعالٰي انهي ايثار جي سبب اُن عورت جي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي آهي. (مسلم، حديث 2630، ص 1415)

## ايثار جو ثواب

ماشآءَالله! ”ايثار“ جي ہہ ڇا ڳالهہ آهي! ڪاش! اسان ہہ پنهنجي پسند جون شيون ايثار ڪرڻ سکي وٺون!شوق ۽ ترغيب جي لاءِ هي حديث پاڪ ٻڌو:فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ انهي خواهش کي روڪي پاڻ تي ڪنهن ٻئي کي ترجيح ڏي، تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.** (احياءُ العلوم ج 3 ص 114)

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اُن مون تي درود شريف نه پڙهيو اُن جفا ڪئي- (عبدالرزاق)**

## ڌيئڻ ۾ ڌيئرن کان شروعات ڪرڻ جي فضيلت

حضرت سيِّدُنا اَنَس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته رسول اڪرم نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي جيڪو بازار مان پنهنجي ٻارن جي لاءِ ڪا نئين شيءِ آڻي ته اها انهن (يعني ٻارن) تي صدقو ڪرڻ وارن جي طرح آهي ۽ انهي کي گهرجي ته ڌيئرن کان شروعات ڪري ڇوته اللّٰه تعالٰي ڌيئرن تي رحم فرمائي ٿو ۽ جيڪو شخص پنهنجي ڌئيرن تي رحمت ۽ شفقت ڪري اهو خوف خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ روئڻ واري جي مثل آهي ۽ جيڪو پنهنجي ڌيئرن کي خوش ڪري اللّٰه تعالٰي بروز قيامت اُن کي خوش ڪندو. (الفردوس، ج 2، ص 263، حديث 5830)

## الٽرا سائونڊ جو اهم مسئلو

صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلهه مسلمانن جي هڪ تعداد ڌيءُ جي پيدائش کي نا پسند ڪرڻ لڳي آهي! ۽ ڪجهه ماءُ پيءُ پيٽ ۾ پُٽ آهي يا ٻارڙي انهي جي معلومات جي لاءِ الٽرا سائونڊ به ڪرائي وٺندا آهن! پوءِ رپورٽ ۾ ڌيءَ جي خبر جي صورت ۾ ڪجهه ته معاذاللّٰه حمل ضايع ڪرائڻ ۾ به ڪوتاهي نٿا ڪن. الٽرا سائونڊ ڪرائڻ جو اهم مسئلو ذهن نشين فرمائي وٺو: جيڪڏهن مرض جو علاج ڪرائڻ مقصد آهي ته اُن جي تلاش (معلوم ڪرڻ) جي لاءِ بي پردگي ٿي رهي هجي تڏهن به ماهر طبيب جي چوڻ تي عورت ڪنهن مسلمان عورت ۽ نه ملي ته مجبوري جي صورت ۾

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)**

مرد وغيره جي ذريعي الٽراسائونڊ ڪرائي سگهي ٿي. پر پُٽ آهي يا ڌيءَ انهي جي معلومات حاصل ڪرڻ جو تعلق چو تہ علاج سان نہ آهي ۽ الٽرا سائونڊ ۾ عورت جي سَتَر (يعني انهن عضون ”مثلاً ڌُن جي هيٺين حصي)“ جي بي پردگي ٿيندي آهي تنهنڪري اهو ڪم مرد تہ مرد ڪنهن مسلمان عورت کان بہ ڪرائڻ حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## الٽراسائونڊ جي غلط رپورٽ
## گهر اجاڙي ڇڏيو”دردناڪ حڪايت“

سڀ سائنسي تحقيقون چو تہ يقيني ناهن هونديون تنهنڪري پٽ يا ڌيءَ جو معاملو هجي يا ڪنهن بي بيماري جو، الٽراسائونڊ جي رپورٽ صحيح ئي هجي اهو ضروري ناهي. دعوت اسلامي جي مدني چينل جي هفتيوار مقبول سلسلي ”ایسا کیوں ھوتا ہے“ جي قسط 14 ”ظلم کی انتھا“ ۾ هڪ پاڪستاني ليبارٽرين پنهنجا تجربا بيان ڪندي ڪجهہ هن طرح ٻڌايو تہ هڪ عورت جي شروعاتي ڏينهن جي الٽراسائونڊ جي رپورٽ ۾ گڏ آيل مڙس جڏهن ڌيءَ جو ٻڌو تہ ٻڌندي ئي ويچاريءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏي!پر جڏهن ڏينهن پورا ٿيا ۽ ولادت ٿي تہ پٽ پيدا ٿيو!پر آهہ! الٽراسائونڊ جي رپورٽ تي انڌو يقين رکندڙ ماڻهوءَ جي ناداني جي وجہ سان ان ڏکياري عورت جو گهر اجڙي چڪو هو!

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## پٽ جي رپورٽ جي باوجود ڌيءَ پيدا ٿي ”حڪايت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! الٽراسائونڊ جي رپورٽ يقيني ناهي هوندي،انهي مضمون ۾ هڪ ٻي حڪايت ٻڌو جيئن تہ هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجو هڪ ڪلاس فيلو فوجي آفيسر آهي، 2006ع يا 2007ع ۾ الٽراسائونڊ جي رپورٽ جي مطابق ان جي گهرواري هڪ پٽ جي ماءُ بڻجڻ واري هئي انهي رپورٽ جي بنياد تي منهنجي دوست جي والده (يعني ٻار جي ڏاڏي) وڏي ارمانن سان پوٽي جا مرداڻا ڪپڙا تيار ڪيا پر جڏهن ولادت ٿي تہ ڌيءَ پيدا ٿي هاڻي تہ ڏاڏي جي ارمانن تي پاڻي ڦيرجي ويو!هُن ان ڳالهہ ۾ پنهنجي بي عزتي سمجهي ۽ سڄو غُصّو(ڪاوڙ) ڌيءَ ڄڻڻ واري ننهن کي طعنا،مِهڻا ڏئي لاٿو.(مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ننهن ڄڻ پنهنجي اختيار سان ڌيءَ ڄڻي هئي!)

## ڌيءَ جون ٻہ رپورٽون هئڻ جي باوجود پٽ پيدا ٿيو

دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ واقع جامعة المدينہ جي هڪ مدرس (استاذ) جو بيان آهي 2013 جي ڳالهہ آهي تہ منهنجي گهر هڪ ٻئي ٻار جي آمد متوقع هئي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ پٽ ۽ 3 ڌيئرون پهرين ئي موجود هيون طِبّي ضرورتن جي ڪري مختلف مهينن ۾ ٻہ ڀيرا الٽراسائونڊ ٿيا پهريون الٽراسائونڊ ڪرڻ واريءَ پٽ جي خبر ڏني جڏهن تہ وڏيڪ ٻہ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)**

الٽراسائونڊ هڪ تجربيڪار ليڊيز ڊاڪٽرياڻي ڪيا ۽ اُن ٻنهي دفعا ڌيءُ جي خوشخبري ٻڌائي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان منهنجو ذهن نهيل هو تہ هي مُعامَلات خيالي هوندا آهن يقيني نہ هوندا آهن ۽ سچي ڳالهہ اها آهي تہ هن پيري مونکي پٽ جي خواهش هئي (جنهن جي لاءِ آئون عالم و مفتي ۽ دعوت اسلامي جو مبلغ بنائڻ جهڙيون مختلف نيّتون بہ ڪري چڪو هئس) اِن لاءِ مون پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کان اها دعا ڪرڻ نہ ڇڏي تہ يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان کي اهڙو پٽ عطا فرما جيڪو دنيا و آخرت ۾ اسان جي حق ۾ بهتر هجي پر ڌيءُ جي پيدائش جي صورت ۾ بہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ئي ادا ڪندس ڇوتہ جڏهن کان مون پنهنجي پياري پياري آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هي فرمان عاليشان پڙهيو هو تہ بيشڪ ڌيئرن کي برو نہ سمجهو اهي محبت ڪرڻ واريون آهن[1]. پنهنجي ڌيئرن سان منهنجي محبت اجان وڌي چڪي هئي.

بهرحال 16 سيپٽمبر 2013ع تي جڏهن ولادت ٿي تہ الٽراسائونڊ جي ٻن رپورٽن جي برعڪس (اُبتڙ) چنڊ جهڙو مدني منّو تشريف کڻي آيو، اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰی ذٰلِك (يعني اِن تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي).

---

(1) مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 134 حديث 17378

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)

## سٺي نيت سان پٽ جي خواهش

ياد رهي! ڌيئرن سان نفرت نہ رکڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضي رهڻ واري مسلمان جو پٽ جي ولادت جي خواهش ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ دعائون گُهرڻ ۽ ان جي لاءِ وظيفن ۽ تعويذن وغيره جو استعمال ڪرڻ بنا شڪ جي جائز جيڪڏهن حافظ، قاري، عالِم، مفتي، ۽ دعوت اسلامي جو مبلغ وغيره بنائڻ جهڙيون سٺيون سٺيون نيّتون هجن تہ ڪارِثواب بہ آهي. (اِهي نيّتون ڌيءُ لاءِ بہ ڪري سگهجن ٿيون) دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪري دعائون ڪرڻ وارن جون بہ اڪثر پيرا حسرتون پوريون ٿي وينديون آهن. جيئن تہ اولاد نرينہ (پُٽ) جي نعمت ملڻ جي مدني بهار ملاحظ فرمايو:

## مدني مٽي جي آمد

قصبہ ڪالوني باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي خاندان ۾ ڇوڪريون گهڻيون هيون چاچا جي گهر ست ڇوڪريون تہ وڏي ڀاءُ جي گهر 9 ڇوڪريون! منهنجي شادي ٿي تہ منهنجي گهر بہ نياڻي جي ولادت ٿي ڪجھ خاندان وارن ڪي اڄڪلھ جي هڪ عام ذهن جي مطابق وهم ٿيڻ لڳو تہ ڪنهن جادو ڪرائي اولاد نرينہ (پُٽ) جو سلسلو بند ڪرائي ڇڏيو آهي! مون نيّت ڪئي تہ منهنجي گهر پُٽ پيدا ٿيو تہ هڪ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو۔** (طبراني)

مهيني جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس منهنجي مدني مُنّي جي ماءُ هڪ دفعي خواب ڏٺو تہ آسمان تان ڪو ڪاغذ جو پرزو ان جي ويجهو اچي ڪريو ڪٽي ڏٺو تہ انهيءَ تي لکيل هيو "بلال" اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ مهيني جي مدني قافلي جي نيّت جي برڪت سان منهنجي گهر مدني منّي"پٽ" جي آمد ٿي ويئي نہ صرف هڪ بلڪ اڳيان هلي ڪري هڪ ٻي پنيان ٻہ مدني منّا وڌيڪ پيدا ٿيا الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ڏسو!منهنجي حسن ظن ۾ هڪ مهيني جي مدني قافلي جي برڪت صرف مون تائين محدود نہ رهي اسان جي خاندان ۾ جيڪي ٻہ اولاد نرينہ کان محروم هئا سين جي گهرن ۾ خوشين جون بهارون لٽائيندا مدني منّا پيدا ٿيا هي بيان ڏيندي وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آئون علاقائي مدني قافلہ ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون بهارون لٽائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهيان.

## دل جي مراد پوري نہ ٿيڻ ۾ انعام!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!ڏٺو اوهان! مدني قافلي جي برڪت سان ڪهڙي طرح دل جون مرادون پوريون ٿين ٿيون،اميدن جا سُڪل فصل ٻہ ساوا ٿي وڃن ٿا ۽ غمگين دلين ۾خوشين جي بهار اچي وڃي ٿي پر اهو ذهن ۾ رهي تہ هر هڪ جي دلي مراد پوري ئي ٿئي اهو ضروري ڪونهي اڪثر ائيڻ ٿي وڃي ٿو تہ ٻانهو جيڪو طلب ڪندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر ناهي هوندو

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

انهيءَ لاءِ ان جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو اهڙي صورت ۾ ان جي دل جي مراد نہ ملڻ يقيناً ان جي لاءِ انعام آهي. مثلاً اهو ئي تہ هو اولاد نرينہ (پُٽ) گهري ٿو پر اُن کي مدني منين(يعني ڌيئرن) سان نوازيو وڃي ٿو ۽ اهو ئي ان جي حق ۾ بهتر بہ هوندو آهي ڇو تہ مثال جي طور تي جيڪڏهن پٽ پيدا ٿئي ها تہ نابينا يا هٿ پيرن کان معذور يا سدا بيمار رهڻ وارو هجي ها يا تندرست هجي ها تڏهن بہ وڏو ٿي هيروئني، چور، ڌاڙيل، ماءُ پيءُ تي ظلم ڪرڻ وارو هجي ها. سيپارو 2 **سُوۡرَۃُ الۡبَقَرَہ** جي آيت نمبر 216 ۾ **رَبُّ الۡعِبَاد** عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد حقيقت بنياد آهي:

وَعَسٰۤی اَنۡ تُحِبُّوۡا شَیۡـًٔا وَّہُوَ شَرٌّ لَّکُمۡ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

## يا شافِيَ الامراض! جي 13 حرفن جي نسبت سان تعويذات جي باري ۾ 13 مدني گل

❖ قرآني آيت پڙهڻ جي لاءِ حيض و نفاس جنابت کان پاڪ هجڻ ضروري آهي ۽ آيت جو تعويذ لکڻ ۾ بہ پاڪي جي حالت جو لازمي طور خيال رکي جنهن تي غسل فرض ڪونهي اهي بي وضو بغير هٿ لڳائڻ جي ڏسي ڪري يا زباني آيت پڙهي سگهن ٿا پر بي وضو آيت جو تعويذ لکڻ انهن لاءِ بہ جائز ڪونهي اهڙي طرح انهن سيني کي اهڙي تعويذ کي هٿ لڳائڻ

يا اهڙي منڊي کي هٿ لڳائڻ يا پائڻ جيئن **مُقَطَّعات** واري مُنڊي حرام آهي.

- جيڪڏهن آيت جو تعويذ ڪپڙي ريگزين يا چمڙي وغيره ۾ سبيل هجي ته بي غسلن ۽ بي وضو سيني جو ان کي هٿ لڳائڻ پائڻ جائز آهي هميشه اهڙي طرح لکو جو هر دائري واري حرف جي گولائي کليل رهي يعني هن طرح **ط، ظ، ه، ص، ض، و، م، ف، ق** وغيره
- آيتن وغيره ۾ اعراب يعني زير زبر پيش وغيره لڳائڻ ضروري ڪونهي
- پائڻ وارو تعويذ هميشه واٽر پروف انڪ مثلاً بال پوائنٽ سان لکو
- تعويذ ويڙهڻ کان پهرين پڙهو: بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّدٍ نُوۡرٌ مِّنۡ نُوۡرِ اللهِ
- اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تعويذ ويڙهڻ ۾ سڌي پاسي کان شروعات ڪندا هئا
- پائڻ وارن کي گهرجي ته پگهر ۽ پاڻي وغيره جي اثرات کان بچائڻ جي لاءِ تعويذ کي موم جامون ڪري ونو (يعني ميڻ ۾

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعالىٰ ان تي ڏھہ رحمتون موڪليندو آھي.** (مسلم)

آلو ڪيل ڪپڙي جو ٽڪڙو ويڙھي وٺو)يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري وٺو پوءِ ڪپڙي ريگزين يا چمڙي وغيره ۾ سبي وٺو.

- سون چاندي يا ڪنھن بہ ڌاتو جي دٻي ۾ تعويذ پائڻ مرد لاءِ جائز نہ آھي.
- اھڙي طرح ڌاتوءَ جي زنجير پائڻ چاھي ان ۾ تعويذ ھجي يا نہ ھجي مرد لاءِ گناھ آھي.
- سون چاندي يا اسٽيل وغيره ڪنھن بہ ڌاتوءَ جي تختي وغيره جنھن تي ڪجھ لکيل ھجي يا نہ ھجي يا چاھي **الله** جو مبارڪ نالو يا **ڪلمو طيِّب** وغيره لکيل ھجي ان جو پائڻ مرد لاءِ ناجائز آھي.
- عورت سون چاندي جي دٻي ۾ تعويذ پائي سگھي ٿي
- جنھن ٽامو پيالي يا پليٽ وغيره تي قرآني آيت لکيل ھجي انھيءَ جو استعمال مڪروه آھي باقي شفا جي نيت انھي ۾ پاڻي وغيره پي سگھجي ٿو پر بي وضو يا بي غسلي يا حيض و نفاس واري عورت جو آيت واري ٽامو ڪي ھٿ لڳائڻ حرام آھي (بھار شريعت ج 1 ص 327 ملخصًا) آيت واري ٽامو جو پاڻي ڪنھن نابالغ ٻار وغيره ڪنھن ٻئي ٽامو ۾ ڪڍي ڏنو تہ ھر طرح جي مريض ۽ غيرِ مريض سڀ پي سگھن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

يا رب! بَطُفَيلِ مُصْطَفٰي مونکي هر حال ۾ پنهنجو شڪر گذار رک "جي 40

## حرفن جي نسبت سان 40 روحاني علاج

### بي اولادي جا 4 روحاني علاج

(هر ورد جي اول ۽ آخر هڪ هڪ دفعو دُرود شريف پڙهڻو آهي)

1. هر نماز کانپوءِ 300 دفعا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ پڙهڻ جي عادت بڻائي ونو اِنۡ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ صاحب اولاد ٿي ويندا (اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ ٻئي پڙهي سگهن ٿا).

2. زال مڙس ٻئي 56 دفعا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وچ رات ۾ پڙهي ڪري "ملاپ" ڪن تہ الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان نيڪ اولاد جي ولادت ٿيندي جيڪا پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ راحت جو سامان بڻجندي.

3. يَا اَوَّلُ 41 دفعا روزانو پڙهو اِنۡ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ صاحب اولاد ٿي ويندا (مدت 40 ڏينهن)

4. 40 لونگ ڪٽي هر هڪ تي سورة النور جي آيت نمبر 40 ست دفعا پڙهي ڪري دم ڪريو (ڪير بہ پڙهي سگهي ٿو) جنهن ڏينهن عورت حيض کان پاڪ هجي غسل ڪري انهي ڏينهن کان روزانو سمهڻ وقت هڪ لونگ کائڻ شروع ڪري ۽ اُن مٿان پاڻي نہ پيئي انهن 40 ڏينهن ۾ مڙس سان گهٽ ۾ گهٽ

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

هڪ دفعو ضرور (ملاپ) ڪري وٺي (وڌيڪ دفعا ۾ به حرج ڪونهي) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اولاد نصيب ٿيندو.

## ”يا خدا ڪرم ڪر“ جي ڏهه حرفن جي نسبت سان اولادِ نرينه جا 10 روحاني علاج

هر ورد جي اول و آخر هڪ هڪ دفعو دُرود شريف پڙهڻو آهي.

5. يَامُتَكَبِّرُ 10 ڀيرا زال سان ملاپ ڪرڻ کان اڳ ۾ پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ پٽ جو پيءُ بڻجندو.

6. حامله شهادت جي آڱر پنهنجي دُن جي چوڌاري گهمائيندي يَامَتِيْنُ 70 دفعا پڙهي اهو عمل 40 ڏينهن تائين جاري رکي الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان پٽ عطا ٿيندو. هِن عمل ۾ هر مرض جو علاج آهي ڪهڙو به مريض اهو عمل ڪري ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا ملندي (دُن تان ڪپڙو هٽائڻ جي ضرورت ڪونهي ڪپڙي جي مٿان ئي اهو عمل ڪرڻو آهي.

7. حمل شروع ٿيڻ جي پهرئين مهيني ڪنهن ڏينهن صرف هڪ دفعو زال جي ساڄي طرف جي پاسڙاٽي (ڪهڪهه) تي 54 دفعا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لکي ڇڏي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پٽ جو پيءُ ٿيندو (بغير مس (ink) جي صرف شهادت جي آڱر سان لکڻو آهي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

اعراب نه لڳايو هڪ دفعو لکي ڪري بار بار انهيءَ تي لکڻ ۾ حرج ڪونهي.

8. بي اولاد مرد 7 نفلي روزا رکي ۽ روزانو جڏهن افطاري جو وقت ويجهو اچي ته **يَا مُصَوِّرُ** (21) دفعا پڙهي ۽ پاڻي تي دم ڪري زال کي پياري (جيڪڏهن زال به روزيدار هجي ته چاهي ته اُن پاڻي سان روزو کولي الله رَبُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان نيڪ پٽ جي ولادت ٿيندي اهڙي عورت جنهن کي اولاد نه ٿيندو هجي جيڪڏهن چاهي ته اهو عمل ڪري ۽ دم ڪري ان پاڻي سان افطار ڪري. (چاهين ته ٻئي الڳ الڳ وقتن ۾ به اهو عمل ڪري سگهن ٿا).

9. حمل رکجڻ کي 3 مهينا 20 ڏينهن گذري وڃن ته مسلسل 40 ڏينهن تائين حامله اهو عمل ڪري پهرين 11 پيرا درود شريف پوءِ هر پيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان گڏ 7 **دفعا سورة يٰس** پڙهي پوءِ آخر ۾ 11 **دفعا درود شريف** پڙهيءَ دم ڪري پي ڇڏي (صحيح پڙهي سگهندي هجي تڏهن ئي) اهو عمل ڪري پڙهڻ جي دوران ڳالهه ٻولهه بلڪل نه ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ پٽ عطا ٿيندو.

10. حامله جي پيٽ تي هٿ رکي ڪري مڙس ائين چوي **اِنْ كَانَ ذَكَرًا فَقَدْ سَمَّيْتُهٗ مُحَمَّدًا** جيڪڏهن ڇوڪرو آهي ته مون اُن جو

www.dawateislami.net

ناالو محمّد رکيو اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ پٽ ڄمندو جيڪڏهن چوندي وقت عربي عبارت جي معنيٰ ذهن ۾ هجي تہ ترجمي جا لفظ چوڻ جي ضرورت نہ آهي نہ تہ ترجمي جا لفظ بہ چئي وٺو).

11. پٽ نہ ٿيندو هجي ٻي اولاد هجي ڪچو حمل ڪري پوندو هجي يا پيدائش کان پوءِ ٻار گذاري ويندا هجن تہ ڪچي سُٽ[1] جا ست ڌاڳا عورت کي بلڪل سڌو بيهاري يا بلڪل سڌو ليٽائي انهي جي پيشاني جي وارن کان وٺي پيرن جي آڱرين تائين ماپي وٺو ۽ ست ئي ڌاڳا ملائي ڪري انهن تي 11 ڀيرا اهڙي طرح **آية الكرسي شريف** پڙهو جو هر دفعي ڳنڍ لڳائيندا وڃو ۽ دم ڪندا وڃو. انهن ڌاڳن کي (حسب ضرورت ڪنهن ڪپڙي جي وڏي پٽي تي ڏڳهائي ۾ رکي ڪري سبي وٺو تہ جئين پيٽ وڏو ٿي وڃڻ جي صورت ۾ بہ ڪم هلي سگهي پوءِ بہ جيڪڏهن سوڙهو ٿئي تہ ڪپڙي جي پٽي ۾ جوڙ لڳائي سگهجي ٿو) عورت جي چيلهہ تي ٻڌو جيستائين ٻار پيدا نہ ٿي وڃي هرگز نہ کوليو ايستائين جو غسل جي وقت بہ جدا نہ ڪريو جڏهن حمل جا آثار ظاهر ٿين تہ گهر جي پَکَل سفيد مني شيءِ (مثلاً منا سفيد چانور) تي سرڪار **بغداد حضور غوث پاڪ** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ **حضرت سيدنا شيخ محمد افضل** رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ ۽ **سيدنا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان**

[1] اڪثر ڪرياني وارا پڙي ٻڌڻ جي لاءِ اهو ئي ڌاڳو استعمال ڪندا آهن.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي فاتحه ڏياريو ۽ عورت به رڪعتون نفل ادا ڪري پوءِ اتي بغداد شريف جي طرف منهن[1] ڪري هن طرح عرض ڪري **يا غوث الاعظم** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه! جيڪڏهن پٽ پيدا ٿيو ته آئون توهان جي غلامي ۾ ڏيئي ڇڏينديس ۽ اُن جو نالو غلام محي الدين رکنديس اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڇوڪرو پيدا ٿيندو جڏهن ڇوڪرو پيدا ٿئي ته غسل ڏيئي ڪري ڪنن ۾ اذان ڏيڻ کان پوءِ اهو ڌاڳو ماءُ جي چيلهه مان ڪولي ٻار جي ڪنڌ ۾ پارائي ڇڏيو (چاهيو ته ڪپڙي جي پٽي کي ڪولي ڳنڍيون لڳايل ڌاڳو به ڪنڌ ۾ پارائي سگهو ٿا) ۽ ٻار جي پيدائش جي ڏينهن کان هر سال غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي نياز جي لاءِ هڪ روپيو الڳ جمع ڪندا رهو جڏهن ٻار ٻارنهن سالن جو ٿي وڃي ته انهن ٻارنهن روپين جي مٺائي يا وڌيڪ جيتري ڪپي رقم ملائي غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي نياز ڪريو ۽ پوءِ ان ڌاڳي کي محفوظ جڳهه تي دفن ڪري ڇڏيو.

12. حيض جي ڏينهن کان فارغ ٿي ڪري حسب توفيق ڪجهه نه ڪجهه خيرات ڪري، **سورة التوبه** هڪ دفعو اول ۽ آخر 11،11 ڀيرا درود شريف پڙهي، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پٽ پيدا ٿيندو.

[1] پاڪستان جي مختلف شهرن جي فرق جي لحاظ کان پاڪستان ۾ بغداد شريف جو طرف الهندي کان اتر طرف ست يا اٺ ڊگري تي آهي. پاڪ و هند وارا ڪعبي جي طرف منهن ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن معمولي ساڄي طرف مڙي وڃن ته بغداد جي طرف منهن ٿي ويندو.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰے صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙھو بيشڪ ھي توھان جي لاءِ طهارت آھي- (ابويعلي)

13. عورت ھر نماز کانپوءِ ھڪ تسبيح يعني 100 دفعا ھيءَ آيت مبارڪ: رَبِّ لَا تَذَرۡنِیۡ فَرۡدًا وَّ اَنۡتَ خَیۡرُ الۡوٰرِثِیۡنَ ﴿۸۹﴾ پڙھي، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پُٽ جي نعمت ملندي.

14. زال مڙس ٻئي روزانو 101 دفعا سورة **الکوثر** پڙھن اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جلدي پٽ جا ماءُ پيءُ ٻڻجي ويندا.

## ولادت ۾ آساني لاءِ 5 روحاني علاج

15. دردِزھ (يعني ٻار جي ولادت جو سور) ۾ جيڪڏھن وڏيڪ سور ھجي تہ عورت مُھرِ نبوت جو عڪس يعني فوٽو ۽ نعل پاڪ جو نقش مٺ ۾ دٻائي رکي يا ٻانھن تي ٻڌي ڇڏي جيستائين سَنڌ ڍڪيل ھجي يَااَللّٰهُ جو ورد ڪندي رھي جيڪڏھن ليٽيل ھجي تہ ورد ڪرڻ جي دوران پير نہ ڏِگھاري اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪجھ منٽن ۾ ولادت ٿي ويندي.

16. يَا حَيُّ يَا قَيُّوۡمُ 111 دفعا (اول و آخر ھڪ دفعو درود شريف) پڙھي درد زِھ (يعني ٻار جي ولادت جو سور) ۾ مبتلا عورت جي پيٽ ۽ چيلھ تي دم ڪرڻ يا لکي ڪري ٻڌڻ سان رب العزت جي عنايت سان درد زھ يعني زچگي جي سور ۾ راحت ۽ ولادت ۾ سهولت ٿيندي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو-**(طبراني)

17. سُوۡرَۃُ الۡاِنۡشِقَاق جون ابتدائي پنج آيتون اِذَا السَّمَآءُ انۡشَقَّتۡ ۙ﴿۱﴾ وَ اَذِنَتۡ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتۡ ۙ﴿۲﴾ وَ اِذَا الۡاَرۡضُ مُدَّتۡ ۙ﴿۳﴾ وَ اَلۡقَتۡ مَا فِيۡهَا وَ تَخَلَّتۡ ۙ﴿۴﴾ وَ اَذِنَتۡ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتۡ ؕ﴿۵﴾ تي دفعا (اول و آخر تي دفعا درود شريف) هر دفعي شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي پوءِ پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏيو وقتًا فوقتًا انهن آيتن جو ورد ڪريو اسلامي ڀيڻ نہ پڙهي سگهي تہ ٻيو ڪير پڙهي دم ڪري پياري سگهي تو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ درد زهہ (يعني ولادت جي تڪليف) ۾ آرام ملندو جيڪڏهن ٻار ٽيڙهو هوندو تڏهن بہ سڌو ٿي ويندو الله تعالٰي چاهيو تہ آپريشن جو خطرو بہ ٽري ويندو ”علاج جو عرصو مراد حاصل ٿيڻ تائين“.

18. حامله روزانو سُوۡرَۃُ مَرۡيَمَ جي تلاوت ڪندي تہ انهيءَ جون برڪتون اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ ئي ڏسي وٺندي درد زهہ ۾ راحت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ولادت ۾ سهولت ٿيندي.

19. يَاقَوِيُّ 100 ڀيرا پڙهي حامله پنهنجي پيٽ تي دم ڪندي رهي اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻار سڌو ٿي ويندو ۽ آپريشن جي ضرورت نہ رهندي.

**فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**ولادت ۾ آساني جو ديسي علاج:** حَامله کي نائين مهيني جي شروعات ۾ مناسب مقدار ۾ ڳئون جي کير ۾ جيڪو پاڻ ڪيرايو هجي بازاري نه هجي 5 عدد منقا ”وڏا ڪشمش يا ڊاک“ ٻج ڪڍي ڪري ۽ 10 قطرا بادام جو تيل وجهي ڪري روزانو شام جو پياريو جيڪڏهن بادام جو تيل نه ملي ته پوءِ ڳئون جي نيم گرم کير ۾ ڳئون جو مکڻ يا گيهه ملائي ڪري پي وٺي ۽ جيڪڏهن ڳئون جو کير نه ملي ته پوءِ مينهن يا ٻڪري جو خالص کير به استعمال ڪري سگهجي ٿو. هن طرح ڪرڻ سان اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ قبض نه ٿيندي پيو گهبراهٽ التي واري طبيعت اعصابي ڇڪ ۽ ٽنگن جي سور کان بچت رهندي اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بغير آپريشن جي ولادت ٿي ويندي انهي علاج سان بلڊ پريشر وڌڻ جو ڪوبه خطرو ناهي بلڪ جيڪڏهن حامله کي بلڊ پريشر ٿيو به ته اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهي علاج سان فائدو ٿي ويندو.

## ڪچو حمل ڪرڻ جا 4 روحاني علاج

20. حمل رڪجي وڃڻ بعد يَاحَيُّ يَا حَافِظُ يَا مُصَوِّرُ 1100 ڀيرا روزانو 40 ڏينهن تائين پڙهي روزانو هڪ ئي وقت هڪ ئي جڳهه تي پڙهي ته وڌيڪ بهتر آهي رَبُّ الۡعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان حمل جي حفاظت ٿيندي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

.21 لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 55 دفعا لکي ڪري تعويذ ناهي ڪري حامله کي پارائي ڇڏيو رَبُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان حمل جي به حفاظت ٿيندي ۽ مدني منو يا مدني مني به آفتن بلائن کان محفوظ رهندا.

.22 يَآاَللّٰهُ 1001 لکي ڪري تعويذ ناهي ڪري حمل جي شروع ۾ حامله کي ٻڌي ڇڏيو پوءِ کولي ڪري نائين مهيني وري پارائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حمل محفوظ رهندو ۽ تندرست مدني مني يا مدني منو پيدا ٿيندو هاڻي کولي ڪري مدني مني يا مدني مني کي پارائي ڇڏيو.

.23 يَاحَيُّ يَا قَيُّوْمُ 111 دفعا بال پوائنٽ سان ڪاغذ تي لکي ڪري حمل رکجڻ کانپوءِ عورت پنهنجي پيٽ تي ٻڌي ڇڏي ۽ ٻار جي ولادت تائين ٻڌو رهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ صحتمند مدني منو پيدا ٿيندو "حامله نه لکي سگهي ته ڪير به لکي ڪري ڏيئي سگهي ٿو"

## ڇاتي تي ورم (سوڄ) جا ٻه روحاني علاج

.24 سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الْفَلَق، سُوْرَةُ النَّاس ڏهه ڏهه دفعا پاڻي تي دم ڪري پيارجي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ورم يعني سوڄ کان نجات ملي ويندي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

25. وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ[1] قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ[2] ڪير ڪير اچڻ واري جڳهه سڪي ويئي هجي ته عورت هي مبارڪ آيتون پڙهي ڪري هٿن تي دم ڪري سڄيل جڳهه تي ڦيري.

## حيض جي بيماري جا چار روحاني علاج

26. صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ جيڪڏهن حيض جو رت وڌيڪ مقدار ۾ ايندو هجي ته هي آيت مبارڪ لکي ڪري پيٽ تي ٻڌي وجي.

27. حيض جي گهٽتائي جي بيماري هجي ته روزانو 341 دفعا هي آيت مبارڪ پڙهي ڪري آب زم زم تي دم ڪري 11 ڏينهن تائين مريض کي پياريو.

28. حيض جو رت وڌيڪ اچڻ جي صورت ۾ ست ڏينهن تائين روزانو هڪ دفعو سُوْرَةُ الدَّهْر پاڻي تي دم ڪري پياريو اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ رت اچڻ بند ٿي ويندو.

29. سُوْرَةُ الْكَوْثَر روزانو 313 دفعا پڙهي ڪري بارش جي پاڻي تي دم ڪري پيارڻ حيض وڌيڪ اچڻ جي بيماري ۾ تمام فائديمند آهي

---

[1] پ 19، الشعراء: 80

[2] حٰم السجده: 44

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)**

## ماءُ جي کير جي ڪمي ختم ڪرڻ جي لاءِ 6 روحاني علاج

30. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 11 دفعا ڪاغذ يا پليٽ تي لکي ڪري پاڻي سان ڌوئي ڪري انهي عورت کي پياريو وڃي جنهن کي ننڍي ٻار کي پيارڻ جي لاءِ کير نہ ايندو هجي يا تمام گهٽ ايندو هجي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ کير وڌي ويندو جيڪڏهن اهو ئي پاڻي حامل کي پياريو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان حمل محفوظ رهندو.

31. يَامَتِيْنُ اي قوت وارا ماءُ جو کير گهٽ هجي تہ هي اسم پاڪ لکي ڪري پياري ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ کير وڌي ويندو  جنهن ٻار جو کير ڇڏايو ويو هجي انهي کي ڪاغذ تي لکي ڪري پياري ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهي کي سڪون حاصل ٿيندو.

32. هُوَالْحَيُّ الْقَيُّوْم 300 دفعا پڙهي دم ڪرڻ ماءُ جي کير جي ڪمي ختم ڪرڻ لاءِ تمام مفيد آهي.

33. (وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ)[1] (فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ)[2] (وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِي الْيَمِّ وَ لَا تَخَافِيْ وَ لَا تَحْزَنِيْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ)[3] (فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ)[4]

---

[1] پ 12 هود 42 [2] پ27، الرحمٰن 50 [3] پ 20، القصص 7 [4] پ 27، الرحمٰن

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (ڪنز العمال)

جيڪڏهن عورت جي اندر ڪير پيدا نه ٿيندو هجي ته هي مبارڪ آيتون 101 دفعا پڙهي ڪري بارش جي پاڻي تي دم ڪري پياريو وڃي يا عورت پاڻ ئي دم ڪري پي وٺي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻو ڪير پيدا ٿيندو.

34. (وَ اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ)[1] (قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّ شِفَآءٌ)[2]

ڪير گهٽ ايندو هجي ته هي آيت مبارڪ 21 دفعا پڙهي ڪري يا پڙهائي ڪري 21 ڏينهن تائين عورت پيئي ۽ انهي کي لکي ڪري يا لڪرائي ڪري پنهنجي ڇاتي تي ٻڌي ڇڏي.

35. ڪير ۾ گهٽتائي هجي ته هي آيت مبارڪ خميري ماني تي لکي ڪري يا لڪرائي ڪري عورت ست ڏينهن تائين کائي.

## (36) مدني منّو ڪير پيئڻ لڳي

جيڪڏهن مَدَنِي منّو يا مدنّي مني ڪير نه پيئندا هجن يَاحَيُّ يَا قَيُّوْمُ 100 دفعا لکي ڪري دريا جي پاڻي ۾ ڌوئي ڪري پياريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪير پيئڻ لڳندا ۽ ضد ٻه نه ڪندا

## (37) ڪير ڇڏائڻ جي لاءِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 18 دفعا لکي ڪري تعويذ ناهي ڪري مدني مني يا مدني مني جي ڳچي ۾ وجهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪير ڇڏي ڏيندو.

---

[1] پ 19، الشعراء 80 [2] پ 24، حٰم السجدة 44

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

## ڪير پيارڻ جو ضروري مسئلو

هجري سن جي حساب ڪان ٻن سالن جي عمر تائين ٻار کي ان جي ماءُ يا ڪابہ عورت کير پياري سگهي ٿي ٻن سالن جي عمر ڪانپوءِ ماءُ يا ڪنهن بہ عورت جو کير پيارڻ گناهہ ۽ حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي پر اڍائي سالن جي عمر جي اندر جيڪڏهن ٻار ڪنهن عورت جو کير پي وٺي تہ کير جو رشتو قائم ٿي ويندو.

## (38) نافرمان جي لاءِ روحاني علاج

يَاشَهِيْدُ اي ظاهر باطن ڪان واقف صبح سج نڪرڻ ڪان پهرين نافرمان ٻار يا ٻارڙي جي پيشاني تي هٿ رکي ڪري آسمان ڏانهن منهن ڪري جيڪو 21 دفعا پڙهي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ انهي جو اهو ٻار يا ٻارڙي نيڪ ٿيندو، (مدت تا حصول مراد).

## (39) بي عمل جو روحاني علاج

بي عمل شخص جڏهن ستل هجي انهي وقت تقريبًا 3 فٽ يعني لڳ ڀڳ هڪ ميٽر جي فاصلي تان ڪو نمازي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ هڪ دفعو **سورة الاخلاص** تورو وڏي آواز سان پڙهي پر ايتري احتياط ضروري آهي تہ ان جي اک نہ کلي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ستل شخص باعمل ٿيندو. بي عمل عورت لاءِ بہ اهو عمل ڪري سگهجي ٿو.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

## (40) مڙس کي نيڪ نمازي بڻائڻ جو نسخو

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو گهروارو بري عادتن جو شڪار هجي ۽ گهر ۾ هر وقت جهڳڙو ڪندو رهندو هجي ته هر دفعي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم سان گڏ (1111) دفعا سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَه پڙهي ڪري پاڻي تي دم ڪري پوءِ پنهنجي مڙس کي پياري اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ مڙس نيڪ نمازي بڻجي ويندو. اهو عمل هن طرح ڪرڻو آهي جو مڙس وغيره کي خبر نه پوي نه ته غلط فهمي جي سبب فساد ٿي سگهي ٿو چاهيو ته ڪولر وغيره ۾ دم ڪري ونو ۽ مڙس سميت سڀئي ان مان پاڻي پيئن. هي رسالو پڙهي وٺڻ کان پوءِ ثواب جي نيّت سان ڪنهن کي ڏئي ڇڏيو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَى الله اَسۡتَغۡفِرُ الله

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

